# مشرق جو درويش
# گوتم ٻڌ

محمد حفيظ سيد / منير سولنگي



# مشرق جو درويش گوتم ٻڌ

محمد حفيظ سيد

منير سولنگي

سنڌي ساهت گهر - حيدرآباد سنڌ.

2000ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ.

ڪتاب جو نالو: مشرق جو شهزادو گوتم ٻڌ
ليکڪ: محمد حفيظ سيد
سنڌيڪار: منير سولنگي
پهريون ڇاپو: جولاءِ 2000ع
ڪيليگرافي: ايم. اقبال شيخ
ڪمپوزنگ : ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي
آفيس نمبر 18- سيڪنڊ فلور، شيلٽر ڪينٽ
شاپنگ مال ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.
فون نمبر: 784350 فيڪس 782357
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سنڌي ساهت گهر ڪتاب نمبر 118

MASHRIQ JO DARVESH GOTAM BHUDH
By: Mohd Hafeez Syed
Translated by: Muneer Solangi
Published by: Naz Sanai
Office No. 18- Second Floor, Shelter
Shopping mall Cantonment, Hyderabad Sind.
Phone: 784350 Fax:782357
Book No. 118- July 2000
Per Copy: Rs: 50/-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## ٻه اکر

مهاتما گوتم ٻڌ جي زندگيءَ تي محمد حفيظ سيد جو هيءُ لکيل شاندار ڪتاب اردوءَ ۾ ۱۹۴۲ع ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو هو. ايڏي طويل عرصي گذرڻ ڪانپوءِ اردوءَ ۾ به ان جو ٻيو ايڊيشن ڇپجي نه سگھيو آهي. مهاتما گوتم ٻڌ ۽ سندس تعليم ۽ ٻڌ ازم جو سڄي دنيا سان گڏ، اسان جي سنڌ تي به تاريخي طور وڏو اثر رهيو آهي. اڄا تائين به اسان پنهنجي عظيم شاعرن ۽ درويشن شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين جي ڪلام ۾ ان جو اثر ڏسي پسي سگھون ٿا.

ٻڌ ڌرم سدائين عبادتن کان وڌيڪ انسان جي ذهني ترقي ۽ عملن جي سڌاري جي پرچار پٺيان ڪئي. ڇو ته هو اها ڳالهه وڏي واڪي ڪندا هئا ته دنيا ۾ ڪنهن به شيءِ کي دائميت ناهي. هن انساني ڏکن ۽ پيڙائن جا نه رڳو ڪارڻ معلوم ڪيا پر انهن جو بهتر علاج به ڏسيو ۽ انساني معاشري کي غلطين کان پاڪ رکڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جستجو ڪئي ڇو ته انهن انساني غلطين کي ئي، ٻڌ ازم ڏکن جو ڪارڻ ٿي سمجھيو. ٻڌ ازم جا صحيح ۽ سچا پيروڪار شخصي نجات نه پر عالمي نجات لاءِ جاکوڙيندا رهيا. انهن زندگيءَ لاءِ هڪڙا اهڙا اصول طئه ڪيا ۽ اهڙا رستا ڏسيا، جنهن سان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان جا پيروڪار پيدا ٿيا. سنڌ تي ان جو انتهائي گھڻو اثر رهيو آهي. راجا ڏاهر جي زماني ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو ٻڌ ڌرم جي پوئلڳي ڪندا رهيا. نه رڳو عام ماڻهو پر راجا ڏاهر جو هڪڙو ڀاءُ پڻ ٻڌ ازم جو ڀڪشو ٿي رهيو.

مهاتما گوتم ٻڌ، هڪڙو عظيم سڌارڪ هو، هندو ڌرم ۾ هن ڪيترائي اهم سڌارا آندا. هو سڄي چمار ماڻهن کي ظاهري پاڪيزگيءَ بدران، اندروني پاڪيزگي پيدا ڪرڻ لاءِ درس ڏيندو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو ان جي قائم ڪيل بنيادي اُصولن کي اڄ به اهائي اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي. هو انسان ذات جو واقعي وڏو مهاتما هو. ان جي فڪر ۽ زندگيءَ بابت اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڇڻ مواد آهي ئي ڪونه. شاباس آهي اسان جي دوست منير سولنگيءَ کي، جنهن ان جي شخصيت ۽ فڪر تي اردوءَ ۾ آيل هن پراڻي ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو ترجمو ڪري نه رڳو سنڌي ادب ۾ هڪڙي سٺي ڪتاب جو واڌارو آندو آهي پر مهاتما گوتم ٻڌ بابت پڙهندڙن کي بنيادي معلومات ڏيڻ جي هڪڙي سٺي ڪوشش ڪئي آهي. هن جو ترجمو به ڪمال جو ترجمو آهي. مونکي يقين آهي ته سنڌيءَ جا پڙهندڙ، ان جي هن چڱي پورهئي کي ڪڏهن به وساري نه سگھندا.

**ناز سنائي**

**21 جون 2000**

**آفيس نمبر 18- سيڪنڊ فلور، شيلٽر ڪينٽ**
**شاپنگ مال، ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.**

# ترتيب


- ٻه اکر — 3
- مهاڳ — 13

**باب پهريون:** — 16

- **گوتم کان اڳ جو هندوستان:**

آريا ڪٿان آيا؟ پاڪ ڪتاب، ويدن جو مذهب، ويدڪ مذهب ۾ ڦير ڦار، گهڻ پوڄا، وحدت الوجود ۽ همه اوست جو عقيدو، گوتم جو جنم.

**باب ٻيون:** — 26

- **گوتم ٻڌ جي جيون ڪٿا:**

پيدائش، شادي، جنگ جو فن، راهول جو ڄمڻ، دنيا کي تياڳ، تپسيا، دماغي ولوڙ، ٻڌ ٿيڻ، پرچار جو تت، روزمره جي زندگي، هڪ وڏيڪ اپديش، همسار جو ٻڌ مذهب اختيار ڪرڻ، شدوڌن سان ملاقات، ڪجهه خاص چيلا، پهريان ٽي سال، انهن کان پوءِ وارا سال، ڪجهه خاص واقعا، آخري ٽي مهينا، آخري وعظ، دفن ڪفن.

**باب ٽيون:** — 55

ٻڌ جي تعليم، خدا ۽ روح، فلسفو، شين جي جسمي جوڙجڪ، احساس، اڪيلا ۽ گڏيل تصور، سگهه ۽ لاڙو، ونان (خيال ۽ شعور)

● ٻڌ جا روح جي مسئلي تي زباني پرچار: 60
روح جو نہ هجڻ، جوڻ ۽ ڪرم، سڌو رستو، اخلاقي حڪم، والدين ۽ اولاد تي فرض، زال مڙس جا فرض، دوستن ۽ ساٿين جا فرض، مالڪ ۽ نوڪر جا فرض، مذهبي ماڻهن جا فرض.

باب چوٿون: 70
سنگهہ يا فقيرن جي جماعت، شرط ۽ داخلا جو طريقو، ڏهہ حڪم، راهبن سان گوتم جي آخري ڳالهہ ٻولهہ، چار وڏيون ڪوششون.

باب پنجون: 81
تبديليون ۽ اضافا، متفق ڳالهين جا نتيجا، اختلافن جي شروعات، گوتم کا ن اڳ جا ٻڌ، گوتم الهويت جي درجي تي، معجزا، ڏاڪٽيا ٻڌ ۽ گوتم، سردي ٻڌ.

باب ڇهون: 88
سنگهہ جون ڪائونسلون ۽ اختلاف

باب ستون: 94
ٻڌ مذهب جدا جدا ملڪن ۾، لنڪا، برما، تبت، دلائي لاما، چين، جاپان، نيپال، ڪوچين آواز ۽ فارموسا وغيره.

ضميما 104

# تعارف

| | |
|---|---|
| نالو | محمد پريل |
| ذات | سولنگي |
| والد جو نالو | ڀليڏنو سولنگي |
| ڄمڻ جو هنڌ | ڳوٺ ڀليڏنو سولنگي، لڳ ڳاگڙي تعلقو ۽ ضلعو خيرپور ميرس. |
| ادبي نالو | منير سولنگي |
| ادبي سڃاڻپ | شاعر، نقاد ۽ مترجم |
| ڇپيل تصنيف | هم جنسيت |
| ادبي شروعات | 1956ع کان |
| ادبي استاد | جناب سليم ڳاڙهوي |
| ادبي تنظيم سان واڳيل | سنڌي ادبي سنگت |
| خاص صنف ۾ دلچسپي | غزل، تنقيد ۽ ترجمو |

تنهن کانسواءِ نفسيات، جنسيات، تاريخ ۽ فلسفي تي ڪيئي، طبعزاد ۽ ترجما سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ڪوبہ مجموعو سهيڙيل نہ آهي. ڇڙوڇڙ سوين مضمون، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن.

ڪينجهر ايوارڊ محترم ناز سنائي جي رسالي "ڪينجهر" ۾ ترجمي تي 1997 ۾ مليو.



لاهور ميوزم ۾ رکيل ٻڌ جو اصل مجسمو



ٽيڪسيلا ميوزيم ۾ ٻڌ جو رکيل مجسمو



گوتم ٻڌ جي موت جو منظر- وڪٽوريه ۽ البرٽ ميوزيم لنڊن ۾ رکيل





تيڪسيلا مان ملندڙ ٻڌ جي هڪ تصوير



گوتم ٻڌ جي موت کانپوءِ ان جي رک کي مختلف جاين تي موجود استوپن ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. هن تصوير ۾ جيڪو استوپا ڏيکاريو ويو آهي، هي ٽيڪسيلا ۾ اڃا به سِيل نمبر ۹ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.



# مهاڳ

جڏهن آريا هندوستان ۾ آيا ۽ سپت سنڌوءَ کي فتح ڪري، پنهنجي آريائي مت لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي ۽ سنڌو، گنگا ۽ جمنا جي ڪنارن تي ويهي، ويدڪ ادب، جي آبياري ڪرڻ لڳا. هنن پنهنجي اچڻ کان اڳ ۾ ڪارن خدائن ۽ رائج پوڄائن کي آريا ويدي مت ۾ شامل ڪيو. ويدڪ مت ۾ ذات پات ۽ اوچ نيچ کي ڀرپور نموني سان اجاگر ڪيو ويو. برهمڻن جي مڙسي کي ايترو ته مٿي ڪنيو ويو جو ڀرپوءَ تائين پهچڻ جو ڏاڪو به انهيءَ برهمڻ کي سمجهيو ويو. ويدن کي اهڙي زبان ۾ لکيو ويو، جيڪا ديسي ماڻهن لاءِ ڏاري ۽ اجنبي زبان هئي. برهمڻن جي نظر ۾ ٻيون جيڪي ديسي ٻوليون هيون سي جانورن جون ٻوليون هيون.

سنسڪرت ئي اهڙي زبان ڄاتي ويئي جيڪا علم ۽ عرفان واري زبان هئي. اهڙي طرح برهمڻن پنهنجي مذهب جا بنياد ڏاڍ، جبر ۽ جانبداريءَ تي رکيا. اوچ نيچ ۽ ذات پات جي چڪر. ديسي ماڻهن جو منيون منجهائي ڇڏيون. نيچ ذات واري ماڻهوءَ يعني شودر کي ته ويدن پڙهڻ، ويدن ٻڌڻ ۽ ڇهڻ جو ڪوبه اڌيڪار نه هيو. تنهن ڪري اهو فطري امر هيو ته انهيءَ عمل جو ردعمل پيدا ٿئي. انهيءَ رد عمل ۾ ڪپل وستوءَ جو هڪ شهزادو سڌارت يا گوتم شامل ٿي ويو. هن بادشاهيءَ کي، مايا کي پنهنجي زال يشوڌرا کي (چيني ٻڌ تي ڙالون لکن ٿا) ۽ پٽ راهل کي ۽ محل کي الوداع چئي، انهيءَ ڪربناڪ سمنڊ جي گهراين تائين پهچڻ لاءِ وشال پرٿويءَ تي قدم رکيو. هن تيزيءَ سان گيان ۽ ڌيان جون منزلون طئه ڪري نرواڻ جو نعرو هنيو ۽ ٻڌمت مقبوليت جون منزلون تڪڙيون اڪرڻ لڳو.

ٻڌمت جي مقبوليت جو وڏو سبب هي به هيو ته هن مذهب ڪنهن به مت جي خلاف نفرت نه پکيڙي، ليڪن ان مت مان سٺا سٺا اصول چونڊي پنهنجي مت ۾ شامل ڪيا. هن ڪنهن به مذهب کي گهٽ نه ڄاتو ته انهيءَ جي نتيجي ۾ ٻئي ڪنهن به مذهب ٻڌ مذهب کي خراب نه سڏيو. گوتم جي سنگهه ۾ شودر، ڪوري، موچي ۽ مينگهواڙ به اچي شامل ٿيا. ذات پات جو چڪر سختيءَ سان ختم ڪيو ويو. گوتم ميل ميلاپ پائيپي، پريم ۽ شانتيءَ جي فضا قائم ڪئي. هن مت ۾ ڪنشڪ ۽ اشوڪ جهڙا شهنشاه به شامل ٿي ويا.

باب پھريون

# گوتم کان اڳ جو هندستان

اسان جو هي هندوستان هڪ وڏي کنڊ جي حيثيت رکي ٿو، هي تمام وشال ۽ زرخيز آهي ۽ جدا جدا قومن جي رهڻ جي جڳهه آهي. هن جا اصلي رهاڪو ڪير هئا، انهيءَ جي ڪابه سنڌ ڪانهي. ليڪن آريا نسل جي ماڻهن جي اچڻ کان اڳ ۾ هتي دراوڙي نسل جا ماڻهو رهندا هئا. هي اڻ سڌريل ۽ جهنگلي نه هئا پر هنن وٽ پنهنجي ساهت ۽ زبان هئي.

هلندڙ وقت جي کوجنا ۽ جاکوڙ اهڙا نشان ڳولهي لڌا آهن جن مان هي ڳالهه ثابت ٿي آهي ته دراوڙ سڌريل ۽ شهري زندگي گذاريندا هئا ۽ ڪيترين اهڙين صنعتن کان واقف هئا، جيڪي اڄ ڪلهه مشيني دور ۾ اچرج جهڙيون پاسن ٿيون.

## آريا ڪٿان آيا؟

انهن دراوڙن کي ڏکڻ طرف ڏکينديءَ اتر اولهه کان اها قوم آئي جيڪا پاڻ کي آريا، ڪوٺرائي ٿي ۽ جنهن جي نسل مان هجڻ وارو هندستاني آبادي جو وڏو حصو دعويٰ ڪندڙ آهي. هي ماڻهو ڪٿان آيا ۽ ڪهڙي سمي ۾ آيا؟ انهيءَ باري ۾ تاريخ جي ڄاڻن ۾ اختلاف آهي. يعني اهي "ناروي" "سوئيڊن" ۽ "ڊنمارڪ" کان آيا ۽ اولهه جي اڪثر ملڪن ۾ پکڙندا "ڪوهه ڪاف" تائين وڃي پهتا. پوءِ ايران ۾ واهيرو ڪندي، هندستان تائين اچي پهتا. ڪجهه تاريخ جا ڄاڻو چون ٿا ته انهن جو جنم، هنڌ وچ ايشيا آهي ۽ اهي اتان ئي يورپ ۽ ايشيا ۾ پکڙيا. ڪجهه ملائڪ صفت تاريخ دان اهڙا به آهن جيڪي لنڪا (سري لنڪا) کي حضرت آدم جو

(٣) ويدي ساهت جي باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، اهو لالا لجپت راءِ جي "تاريخ هند" حصي پهرين تي ٻڌل آهي.
(٤) رائس ڊيوڊس
(٥) لالا لجپت راءِ
(٦) ڪمن جي لحاظ کان اهڙي نموني جي ورڇ، "رگ ويد" جي هن منتر ۾ موجود آهي. جنهن جو ترجمو هي آهي:
"برهمڻ هن جو (لاشعور جو) وات آهي ڪتري، ٻانهون ويش ٽنگون، ۽ شودر، پير" مگر انهيءَ مان اهو نٿو مڃي سگهجي ته ذات پات جون پابنديون انهيءَ وقت کان ئي مڙهيل هيون. اهي پابنديون خاص طور سان "منو شاستر"کان پوءِ ئي وڌيون آهن.
(٧) رامائڻ ۽ پارت -
(٨) جين مذهب جو اصلي باني پارس ناٿ، هيو جيڪو اٺين صدي ق.م ۾ پيدا ٿيو. مگر ان جي خاص جوڙ جڪ مهاوير وردهمان ڪئي. هي ٥٩٩ - ق م ۾ پيدا ٿيو ۽ ڊبالي، جي حاڪمن جي نسل مان هيو. ۽ ٥٧٢ ق. م ۾ مري ويو. "جين؛ مادي ۽ روح، ٻنهي کي ازلي ۽ ابدي ڪري مڃين ٿا ۽ خدا جي "موجود بالذات" هجڻ جا قائل نه آهن. هي چوويهن تيرٿنڪن (هادي) يا رهبرن جا قائل آهن. انهن ۾ مهاوير آخري، تير ٿنڪر هيو. هن جا ٻه فرقا آهن. ڊيگمبر ۽ سوٽمبر. ڊيگمبر، اگهاڙا رهندا آهن ۽ سوٽمبر اڇيءَ چادر-سان پنهنجي جسم کي ڍڪيندا آهن. هنن جي خيال ۾ "اهنسا، سچ ڳالهائڻ، چوري نه ڪرڻ، پرم پوڄا کي ڇڏڻ، ۽ پوتر جيون گذارڻ سان. سوڪش (ڇوٽڪارو) حاصل ٿئي ٿو. اهي "آپگهات" کي سڀ کان سٺو موت سمجهن ٿا. پنهنجي جسم کي تسيو ۽ آزار ڏيڻ هنن آڏو عمدو ڪم آهي. "جين" لفظ "جن"-مان نڪتو آهي. مهاوير کي جن جو درجو حاصل آهي ۽ انهيءَ ڪري سندس پوئلڳ "جيني" چورائڻ لڳا.
(٩) رائس ڊيوڊس، آمريڪي تقريرون، ٻڌ جو مذهب، ان جي تاريخ ۽ ان جو ادب ص ٣١ - ٣٣.

۽ ”همسار“ هتان جو راجا هيو. هي بادشاهه پنهنجي دٻدٻي جي ڪري مشهور هيو. جڏهن هن ٻڌو ته ”ڪشپ“ ۽ ”گوتم“ ٻئي اچي رهيا آهن ته هو انهن جي آجيان لاءِ نڪري پيو ۽ سمورو شهر انهن ”رشين“ جي درشن لاءِ اٿلي پيو.

عام طرح اهوئي خيال هيو ته گوتم به ”باهه جو پوڄاري“ ٿي ويو آهي ۽ هاڻي هو ”ڪشپ“ جو چيلو آهي،مگر جڏهن سياڻو شاگرد گوتم جي اڳيان بندگيءَ لاءِ نوڙيو ته راڄ ڳڙه وارا اچرج ۾ پئجي ويا. راڄا وڏي ڌام ڌوم سان انهن ساڌن جي دعوت ڪئي ۽ ويلوانا نالي جو بانس جو باغ انهن جي رهڻ لاءِ وقف ڪيو. انهيءَ تاريخي باغ ۾ گوتم ڪيترين ئي برساتون گذاريون ۽ اهو نيم مقرر ڪيو ته هو گرمين ۽ سردين ۾ پنهنجي ملڪن جو دورو ڪندو هو ۽ برسات جي مند ۾ انهيءَ باغ ۾ رهندوهو. پري پري کان چيلا هتي ايندا هئا ۽ پوتر ڌرم تي ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا. پهرينءَ برسات کان پوءِ ڪپل وستوءَ کان به ماڻهو آيا ۽ پاڻ سان گڏ شدوڌن جو سنڌس به آندائون ته پوڙهي پيءُ کي مرڻ کان اڳ ۾ هڪ جهلڪ ڏيکاري وڃ.“

## شدوڌن سان ملاقات:

ماتا پتا جو چيو مڃڻ نيڪ انسانن تي فرض آهي. گوتم تڪڙي تيار ڪئي. چيلن جو وڏو دڻ هن سان گڏ هليو ۽ هي قافلو منزل منزل طالبن کي هدايت جو فيض ڏيندو ۽ ڪپل وستوءَ جي ويجهو پهتو. سالن کان پوءِ هماليه جبل جو دامن، نيپال جي ڊوري، پر فضا ماڙيون ۽ راڄ محل جو حسين نظارو اکين آڏو آيو ته مهاتما جيءَ دل مٿان ڇا گذريو؟ انهيءَ جي ڪيفيت اهوئي ٻڌائي سگهي ٿو جيڪو انڌلٺ جي رنگن جي صحيح تصوير ڪڍي سگهي ٿو. وطن جا ڪنڊا پرديس جي گلاب کان بهتر ۽ ڪنعان جي گدائي مصر جي بادشاهيءَ وڌيڪ وڻندڙ ٻڌائي وڃي ٿي؛ مگر مهاتما پنهنجي جوڙيل اصول کي انهيءَ موقعي کي به هتان نه ڇڏيو. شهر ۾ داخل ٿيڻ بدران وستيءَ کان ٿورو پريرو هڪ باغ ۾ ڊاٻو ڪيائين ۽ انهيءَ جاءِ تي رات گذاريائين. ٻئي ڏينهن پنڻ وارو پيالو هٿ ۾ کڻي خير وٺڻ لاءِ ڪپل وستوءَ ۾ وڪ رکيائين. هن جو نيم هيو ته فقيرن جي هيءَ ٽولي اميرن کان خيرات نه وٺندي هئي. پر غريبن جي درن تي به مانُ ڪيو بيٺي. هوندي هئي ۽ زبان سان خيرات نه گهرندي هئي. جيڪڏهن ڪجهه مليو ته وٺبو هو نه ته اڳتي هلي پوندي هئي. انهيءَ رسم جي پابندي ڪرڻ لاءِ ڪپل وستوءَ ۾ به راڄ محل کي ڇڏي، غريبن جي جهڳين طرف پنڻ هلي.

پٽ ”راهول“ کي اهي نصيحتون ڪيائين جيڪي ”مهارهل سوت“ جي نالي سان مشهور آهن.

### تيرهون سال:

گوتم چاليا ۾ مينهوڳي گذاري ۽ پوءِ واپس سراوستي موٽي آيو.

## چوڏهون سال:

سراوتيءَ جي جتاون وهار ۾ راهُل کي باقاعدي ڀڪشو بڻايو ۽ وعظ ڪيو-جيڪو ”راهُل سوت چرتر“ چيو وڃي ٿو. انهيءَ واقعي کان پوءِ هو ڪپل وستو هليو ويو.

## پندرهون سال:

هيءَ برسات جي مند هن نگر وڏ ۾ گذاري، هتي گوتم پنهنجي ويڳي پاءُ کي پنهنجا ويچار ٻڌايا جيڪو ان وقت سندس پيءُ جي جاءِ تي ساڳيا راڄ جو راجا هو. ان جو نالو مهانام هيو ۽ اهو گوتم جي پيروڪارن مان هيو. ڪوليءَ جي راجا، سپرا ٻڌ، يشودهرا، جي پيءُ ڪلئي عام پنهنجي ڌيءَ يشوڌرا جي چڏي ڏيڻ تي ٻڌ کي گهٽ وڌ ڳالهايو تہ زمين ڦاٽي پئي ۽ هوانهيءَ ۾ پيهي ويو. گوتم اتان سڌو جتاون وهارا واپس هليو آيو ۽ اتي هن پرچار ڪيو تہ ڌرم تي هلڻ پنڻ کان بهتر آهي.

### سورهون سال:

هو هتان ”الادي“ ويو ۽ هڪ اهڙي ديو (٢٦) کي ”ٻڌ“ بنايائين جيڪو ٻارن کي کائيندو هو.

### سترهون سال:

ٻڌ مينهوڳيءَ جي مند راڄ ڳڙهہ ۾ گذاري، هتي هن هڪ فاحشہ عورت ”سرسٽيءَ“ جي مرڻ تي وعظ ڪيو. پوءِ اتان سرادستي مان ٿيندو ”الادي“ هليو ويو. اتي هن، هن مسئلي تي زور ڏنو تہ جيستائين ڪو بہ انسان هڪ بکئي ماڻهوءَ کي ڍؤ تي ماني نہ کارائيندو تہ مان ان کي پنهنجو وعظ نہ ٻڌائيندس. (٢٧) .

ڪرائي رهيو هو. اهوئي قلعو اڳتي هلي "مگڌ" جي بادشاهن جي گاديءَ جو هنڌ پاٽلي پتر، بڻيو.

گوتم اتان امبا پاليءَ ويو اتان جي مشهور "وئشا" هن کي دعوت ڏني، وجين روسا ، کي انهيءَ جو وهم ۽ گمان به نه هو ته ڪو گوتم ٻڌ انهيءَ ناپاڪ عورت جو نجس کاڌو کائيندو. تنهن ڪري يارن خوب ٺوڪبازي ڪئي. انهيءَ تي وئشا دلشڪسته ٿي ۽ خاموش ٿي روئڻ لڳي. اوچتو ٻڌان جي گهر اچي نڪتو ۽ ان بنان ڪنهن عذر جي کاڌو کاڌو..

نتيجو اهو نڪتو ته رنڊي انهيءَ وقت توبه تائب ٿي ۽ سنگهه ۾ شامل ٿي ويئي. گوتم اتان پيلوگا ، تائين ويو ۽ مينهوڳي جي مند اتي گذاريائين. انهيءَ هنڌ تي هو ايترو ته عليل ٿي پيو جو هو پنهنجي حياتيءَ مان مايوس ٿي ويو ۽ هن چوڻ شروع ڪيو ته هاڻي هو گهڻا ڏينهن جيئرو رهي نه سگهندو. مگر مينهوڳي ختم ٿيندي ئي هو انهيءَ حالت ۾ ٻاهر نڪري پيو ۽ مختلف ڳوٺن ۾ وعظ ڪندو ۽ ٻڪشن کي ميڙيندو ۽ انهن کي ٻڌي ۽ ايڪي ۽ پاڪائي جي نصيحت ڪندو ڪوسي نگر ڏانهن هلي پيو ۽ اهو هنڌ هن وقت ڪسيا ، ناليءَ سان سڏيو وڃي ٿو. گورکپور ضلعي ۾ تعلقي جو صدر مقام آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي "ملا" قوم جو راڄ هيو. ان قوم جي هڪ شاخ جي گاديءَ جو هنڌ ڪوسي نگر ۽ ٻيءَ شاخ جو پاوا هيو.

انهيءَ هنڌ تي گوتم پنج سو چيلن سان اچي پهتو ۽ چندا سوناري جي باغ ۾ اچي ترسيو. هتان جي رئيسن هڪ نئون سنت نگر يا پبلڪ هال جوڙايو هو. انهن جي عرض تي گوتم پنهنجي مبارڪ هٿن سان، انهيءَ جو افتتاح ڪيو ۽ هڪ اثرائتو پرچار ڪيو، ٻئي ڏينهن تي "چندا" دعوت ڪئي ۽ ٻڪشن کي چانور ۽ ڪينتي جي ڀاڄي کارائي. (٣٣)

کاڌو کائي ٿوري جهڙ لاءِ گوتم آرام ڪيو ۽ ٽپهريءَ جو ڪوسي نگر (ڪسيا) ڏانهن روانو ٿيو. ٿورو ئي اڳتي وڌيو ته سندس پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ لڳا ۽ پيچش جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. پرسان "ڪوڪشتا" ندي وهي رهي هئي، اتي ترسي پيو "ننڊا" کان پاڻي گهرائي پيتائين ۽ سنان ڪيائين. انهيءَ ڏينهن شام جو ڏاڍي تڪليف سان ڪوسي نگر ٻاهر هڪ باغ ۾ پهتو. گوتم جو اهوئي آخري آرام گاهه هيو.

ڪوڪشتا نديءَ جي ڪنڌي تي ئي پاڪ باطن گوتم هي جاڻي ورتو ته هو هاڻي گهڙي سوا جو مهمان آهي. بار بار ڪيس اهو خيال ستائي رهيو هو ته ڪٿي ويچاري چندا کي دوشي قرار نه ڏين ته هن ئي گوتم کي اهڙي شيءَ کارائي آهي جو ان جو سر هليو ويو. انهيءَ ڪري گوتم خاص طور پنهنجي پياري چيلي "آنند" کي چيو " چندا" کي چئه ته هو ايندڙ جوڻ ۾ وڏا انعام حاصل ڪندو. ڇو ته مان انهيءَ جي کاڌي کائڻ سان هن دنيا مان

ترجمو سوئر جو گوشت، ڪيو آهي. مگر اهو صحيح نہ آهي. شڪر مردو جي معنيٰ آهي، ڪنهي، ۽ نہ سوئر جو گوشت (ڏسو ضميمو نمبر ٢)
٣٤- سونڊرس ۽ امير احمد صاحب جو خيال آهي تہ ٻڌ ٣٨٠ ق.م وفات ڪري ويو. راس ڊيوڊس ٣١٢ ق.م لکيو آهي. شيو نارائڻ شميم ٥٢٤ ق.م تحرير ڪيو آهي، ليڪن حال ۾ اشوڪ جو ڪتبو لڌو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ هو ٢٥٦ ڪانپوءِ گوتم جي وفات ۽ ٣٦ سالن ڪان پوءِ آشوڪ جي تخت نشيني هنيو ويو. پروفيسر مڪرجيءَ ثابت ڪيو آهي تہ اشوڪ جي تخت نشيني ٢٧٠ ق.م ۾ عمل ۾ آئي. اهڙي طرح گوتم جو موت ٣٦-٢٧٠+٢٥٦ ق.م ۾ ٿيو ۽ اشوڪ جي تاج پوشيءَ جي لاءِ ڏسو "اشوڪ آرسي مڪرجي.
٣٥- تائون هال.
٣٦- امير احمد
٣٧- صحيح لفظ ڪوسي نگر آهي. تاريخدانن جي ڦڏي لفظ هن ڪي "ڪوسي.لنگا" بنائي ڇڏيو.

## خدا ۽ روح:

مطلب تہ موجوده کوجنا جي نظر ۾ جيڪا ڪجهہ گوتم جي متفق طور تعليم مڃي وڃي ٿي اها هن باب ۾ وچور سان ڏني وڃي ٿي. مگر ان جي بيان ڪرڻ کان اڳ هن امر کي چٽو ڪري ضروري معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي تعليم مان هي ظاهر آهي تہ گوتم جيڪي ڪجهہ پيش ڪيو آهي، اهو هڪ مذهب جي بنياد وجهندڙ (١) جي حيثيت سان پيش نہ ڪيو آهي. ان جو سمورو زور اخلاق ۽ عمل تي آهي. هو انسان کي ما بعد الطبيعاتي جهڳڙن ۾ منجهائڻ ۽ انهيءَ کي خيالي پلاون پچائڻ لاءِ نہ ٿي اياريو. پر هن انسان جي زندگيءَ کي زميني جنت بنائڻ تي گهريو. هن خدا جي باري ۾ ڪائي ڳالهہ چٽي ۽ صاف صاف نہ چئي. هن جو خيال هوتہ خدا جي بازي ۾ سوچ ويچار ڪرڻ. زندگيءَ لاءِ فائديمند تہ آهي. هو هن دنيا کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي جهانن جو قائل هيو. پر هو ٻئي جهان يعني آخرت جو قائل نہ هو. هن،هن دنيا جي وجود ۾ اچڻ جي سببن تي بہ ڪا خاص روشني ڪا نہ وڌي آهي. هن جو سمورو فلسفو هن حياتي ۽ ان جي اخلاقي نتيجن تي ٻڌل آهي. جيئن تہ هو انهيءَ ماحول ۾ پيدا ٿيو هو جيڪو ٻيءَ جوڻ، جو سختي سان قائل هيو ۽ انهيءَ تي پڪو ويساه رکندو هو. تنهن ڪري هن پنهنجي فلسفي ۾ بہ انهيءَ نظريي کي داخل ڪيو ۽ ان کي اخلاقي سڌاري جي اهميت ظاهر ڪرڻ جوهڪ خاص هٿيار بنايو. هو روح جو قائل نہ هو ۽ نہ وري ان کي جسم کان ڪا جدا شئي مڃيندو هو.

## فلسفو:

هو انهيءَ ڳالهہ تي گهڻو زور ڏيندو هو تہ هن جهان ۾ جيڪي بہ شيون آهن اهي سببن ۽ علتن جي هينان اچن ٿيون ۽ هر ڪا شيءَ هر گهڙي غير محسوس ۽ نامعلوم طريقي سان مٽبي رهي ٿي. يعني هر شيءَ مٽا سٽا ۽ ڦير گهير جي علت جي هٿ هيٺ آهي. هو اسان وانگر دوزخ ۽ بهشت کي نہ مڃيندو هو، مگر اهو تسليم ڪندو هو تہ ڪجهہ اهڙا جهان آهن، جتي ديوتا رهن ٿا. مگر هن جي خيال ۾ انهن ديوتائن جون حياتيون بہ انهيءَ حد تائين مادي يا غيرمادي ٿي سگهن ٿيون. جنهن حد تائين انهن پهرين جنمن ۾ نيڪيون ڪيون آهن. هو چوندو هو تہ ديوتا بہ انسانن وانگر مرن ٿا ۽ انهن جا جهان بہ انهن سان گڏ ختم ٿي وڃن ٿا. هو چوندو هو تہ اهڙيون ڏک

جو قائل نہ هو ۽ ان کي جسم کان هڪ جدا شيءِ مڃڻ کان انڪاري تنهن ڪري هن کي مٿين مسئلي جو تسلي بخش جواب ڏيڻو هو، ان انهيءَ جو حل "ڪرم" جي نظريي جي صورت ۾ پيش ڪيو ۽ ان کي هڪ راز، چئي سائل کي وڌيڪ سوالن ڪرڻ کان روڪيو.

"ڪرم" واري نظريي جي ماتحت جيئن ئي ڪو حيوان (انسان، جانور، ديوتا) مري ٿو تہ ان جي لاءِ هڪ نئين حياتي گهٽ وڌ آرام سان شروع ٿئي ٿي،هيءَ زندگي خوشگوار يا ناخوشگوار، انهيءَ حالت ۾ مناسبت سان ٿئي ٿي،جنهن نسبت سان هن سنا يا برا ڪم ڪيا آهن. اهو سبب جيڪو نئين حياتيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو، اهو ترشنا (اڃ) آهي يا ايادان (پڪڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ) آهي. پوءِ حواسن جو ظاهري دنيا سان ميلاپ ٿيندو آهي ۽ احساس شروع ٿي ويندا آهن. انهن احساسن سان پيهر اڃ يعني ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي سڌ پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ اڃ جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ انهن سڌن کي پوري ڪرڻ يا قابوءَ آڻڻ جي فڪر (اپادان) ۾ تيزي اچي وڃي ٿي.

اهو فڪر يا اپادان انهيءَ نئين فرد کي وجود ۾ آڻي ٿو ۽ انهيءَ فرد جو ماحول، فطرت ۽ مستقبل، اهوئي "ڪرم" طئہ ڪندو آهي. جيڪو انهيءَ جي پهرين جنم جو ڦل هوندو آهي. "ڪرم" جي انهيءَ نظريي ٻن حدن جي وچ ۾ هڪ وچٿرائي پيدا ڪئي آهي. هڪ حد تي اهي ماڻهو آهن، جيڪي روح جا قائل آهن ۽ ان کي غير فاني شئي ٿا مڃين. ٻيءَ حد تي اهي ماڻهو آهن جيڪي اخلاقي انصاف، آخرت جي حساب ڪتاب جا انڪاري آهن. ٻڌ مذهب پيروڪار روح جو قائل نہ آهي، مگر هو انهيءَ تي ضد ٻڌي بيٺو آهي تہ ۽ ان جو ڦل ملڻ ضروري آهي. تنهن ڪري انسان جو اخلاقي فرض آهي تہ هو نيڪ بڻجي ۽ عمل صالح ڪري.

مگر سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن روح نٿو رهي تہ عملن جو نتيجو ڇو؟ ٻڌ مذهب چوي ٿو تہ روح نٿو رهي پر ڪرم رهي ٿو. يعني هر فرد جا عمل، تقرير ۽ ويچار جا نتيجا باقي رهن ٿا ۽ اهو ڪرم فنا نٿو ٿئي. اهوئي ڪرم مئل شخصيت جي جزن کي ڪٺو ڪري ۽ ان جي صلاحيتن ۽ لاڙن کي گڏ ڪري هڪ نئين وجود ۽ هڪ نئين فرد جي صورت وٺي ٿو. جهڙي طرح هڪڙو نسل پنهنجي ختم ٿيڻ سان پنهنجون سموريون سٺايون ۽ برايون، ايندڙ نسل جي جهوليءَ ۾ وجهي ويندو آهي. بالڪل اهڙيءَ طرح هر فرد فنا ٿيندي ئي پنهنجون نيڪيون ۽ بديون، پنهنجي نئين شخصيت کي ڏيندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن انهيءَ دور ۽ تسلسل کان آزاد ٿيڻو آهي ۽ وري وري جنم وٺڻ جي مصيبت کان بچڻو آهي تہ انسان کي گوتم جي انهيءَ ٻڌايل رستي هلڻ گهرجي جيڪو خوشي، آنند عقل، نيڪي،نرواڻ تائين وٺي وڃي ٿو.

**(٥) مالڪ ۽ نوڪر: مالڪ پنهنجن نوڪرن سان هيئن پيش اچي.**

- انهن جي سگهه مطابق انهن کان ڪم وٺي.
- انهن کي مناسب پگهار ۽ کاڌو ڏي.
- بيماريءَ ۾ انهن جيّ نظرداري ڪري.
- عام طور سڻن کاڌن ۾ انهن کي شريڪ ڪري.
- ڪڏهن، ڪڏهن انهن کي موڪل به ڏي.

**• نوڪرن کي مالڪ سان پنهنجي سچائيءَ جو اظهار هن نموني ڪرڻ گهرجي.**

- اهي مالڪ جي عزت ڪن.
- پوءِ ئي آرام ڪرڻ وڃن.
- جيڪو ڪجهه هنن کي ڏنو وڃي، انهيءَ تي قناعت ڪن.
- دل لڳائي ڪم ڪن.
- مالڪ سان عزت ۽ ادب سان گفتگو ڪن ۽ ان جي پرپٺ ان کي سٺو چون.

**(٦) عام ٻڌيءَ مذهبي ٻڌ: مرد ديندار بکشو ۽ برهمڻن جي خدمت هن نموني سان ڪري.**

- دل سان محبت ڪري.
- زبان سان محبت ڪري.
- خيال سان محبت ڪري.
- انهن جي خوشي جو خوشيءَ سان آدر ڀاءُ ڪري.
- انهن جي ضرورتن کي پورو ڪري.

**• مذهبي ماڻهن کي پنهنجي ميزبان سان هن طرح سان پيش اچڻ گهرجي:**

- انهن کي خراب ڪمن ڪرڻ کان منع ڪن
- انهن کي نيڪي ڪرڻ ڏانهن مائل ڪن.
- انهن کي ديني تعليم ڏين، انهن جا وسوسا دور ڪن ۽ "نرواڻ" جو رستو ڏيکارين.

• منع ٿيل ڌنڌا:

- هٿيار وڪڻڻ
- ٻانهيون ٻانها وڪڻڻ
- گوشت وڪڻڻ
- شراب ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ
- زهر وڪڻڻ

انهن حڪمن ۽ اخلاقي هدايتن عمل ڪرڻ سان هر ماڻهو سچي خوشي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن "ٻڌ"انهيءَ تي عمل ڪندو ته اهو "ارهٽ" جي درجي تي پهچي ويندو..

## حوالا

١- رائيس ڊيوس وغيره
٢- Composition and deseomposition
٣- Self Existant
٤- Vetality
٥- Space
٦- شيونرائڻ شيم انهيءَ جو ترجمو ڪيو.
٧- ڪجهه ماڻهوءَ انهيءَ جو ترجمو تحت شعور به ڪن ٿا.
٨- Plraney
٩- Adaptablity
١٠- گوگرلي
١١- اسپنس هارڊي
١٢- برنوف

١٣- مفڪرن کي شروعات کان ئي هن سوال جي ڪرڻ جو فڪر رهيو ته ماڻهو جدا جدا نمونن جي عيبن سان ڇو پيدا ٿيندا آهن؟ اهڙي طرح جو اختلاف ڇو آهي ته ڪو راجا آهي ۽ ته ڪو وري پرجا آهي. ڪو امير آهي ته ڪو غريب آهي. ڪو محلن ۾ رهي ٿو ۽ ڪو جهڳين ۾. انهيءَ سوال جو جواب ٻن نمونن سان ڏنو ويو آهي. هڪ مذهبي طبقو قسمت يا تقدير جو قائل آهي. انهن ماڻهن جي خيال ۾ هر فرد جي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه قسمت ۾ لکجي چڪو آهي ۽ اهوئي انهيءَ شخص جي قسمت يا تقدير آهي.

حضورمنهنجي مٿان رحم ڪيو. مون کان هي ڪپڙا وٺو ۽ مون کي سنگهہ ۾ داخل ڪيو تہ جيئن غم کان آزاد ٿي وڃان ۽ نرواڻ حاصل ڪيان."

صدر انهيءَ وقت اميدوار کان گيڙو ڪپڙن جي ڳنڍ وٺندو ۽ ڪجهہ خاص شبد انساني جسم جي فاني هجڻ جي باري ۾ پنهنجي زبان ۾ شروع ڪري، اها ڳنڍ اميدوار جي ڳچيءَ ۾ وجهندو. اميدوار هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ڪري سمورا ڪپڙا لاهيندو، جنهن جو مطلب هي ٿئي ٿو تہ هو اهي ڪپڙا رڳو حياءَ ۽ شرم جي ڪري پائي ٿو ۽ گيڙو ڪپڙا پائي اهو اميدوار ٻيهر صدرجي سامهون حاضر ٿيندو ۽ گوڏا کوڙي "ٽي مامن" ۽ "ڏهہ حڪم" ٽي ٽي دفعا ورجائيندو.

## (۱) ٽي مامن هي آهن:

- مان ٻڌ ۾ پناهہ وٺان ٿو.
- مان شريعت ۾ پناه وٺان ٿو.
- مان سنگهہ ۾ پناه وٺائون ٿو.

## (۲) ڏهہ حڪم هي آهن:

- مان قسم ٿو کڻان تہ ڪنهن بہ ساهواري کي نہ ماريندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ چوري نہ ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ ناپاڪيءَ کان پرهيز ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان ٿو نشيدار شيون نہ واپرائيندس، اهي ترقي ۽ نيڪيءَ جي رستي ۾ رنڊڪون وجهن ٿيون.
- مان قسم ٿو کڻان تہ مان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ منع ٿيل وقت ۾ ڪجهہ تہ کائيندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ مان ناچ گاني ۽ موسيقي کان پرهيز ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ هار، سرخو تيل۽ زيور استعمال نہ ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ ويڪرو يا اوچو پلنگ استعمال نہ ڪندس.
- مان قسم ٿو کڻان تہ مان ڪنهن کان بہ سون ۽ چاندي نہ وٺندس.

اهو عهد ڪري اميدوار اٿي سلام ڪندو آهي ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويندو آهي ۽ هو باقاعدي اميدوار بڻجي ويندو آهي. هو سنگهہ جي ميمبرن سان گڏ رهي سگهي ٿو، مگر هو اجا تائين بکشو سڏجي نٿو سگهي. بکشو ٿيڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وري درخواست ڏيڻي پوندي ۽ وري هو ڪاميٽيءَ جي آڏو پيش ٿيندو. جڏهن اميدوار ڪاميٽيءَ جي اڳيان ويندو تہ گيڙو ڪپڙا لاهي ويندو ۽ سادن ڪپڙن ۾ ان کي سمورين رسمون

جي پيالن کي ڌوئي صاف ڪندو. ان کانپوءِ ڪنهن نويڪلي جاءِ تي ويهي ٻڌ ۽ ان جي تعليم تي ويچار ڪندو. تنهن کان بعد، ڪو ڪتاب ڪٺي يا تہ گروءَ کان سبق وٺندو يا انهيءَ ڪتاب جو نقل ڪندو ۽ هر وقت انهيءَ ۾ لکيل حڪمن جي معنيٰ ۽ مرطلب تي غور ڪندو رهندو.

## ڌيان جا قسم:

چيلن جي ڪري گروءَ جو تمام گهڻو وقت بچي پوندو، اهو سارو وقت هو ڌيان گيان ۾ گذاريندو، اهي ڌيان پنجن قسمن جا هوندا آهن.

### ١- پتا پاونا (محبت جو ڌيان):

انهيءَ تي غور ڪيو ويندو: مصيبت ۽ ڏکن جي زندگي ۽ چوتڪارو حاصل ڪري ڪهڙي خوشي حاصل ٿي سگهي ٿي. ۽ جيڪڏهن اهڙي قسم جي خوشيءَ ساري دنيا کي حاصل ٿي وڃي تہ ڪيترو نہ سٺو ٿيندو. مطلب تہ هو ساري دنيا جي محبت-سان پنهنجي دل کي ٽمٽار ڪندو ۽ سڀ جو ڀلو گهرندو.

### ٢- ڪروتا پاونا (همدرديءَ جو ڌيان):

ڌيان ڪندڙ هي سوچيندو تہ دنيا ڏکن ڏاکڙن سان ڀري پئي آهي ۽ اهاڪوشش ڪندو تہ هو دنيا جي ستايلن ۽ مجبورن جي درد کي محسوس ڪري ۽ اهڙي طرح پنهنجي دل ۾ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪري.

### ٣- مديتا پاونا (خوشيءَ جو ڌيان):

ٻين جي خوشيءَ جو خيال ڪيو ويندو ۽ انهن جي خوشيءَ مان خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي،

### ٤- اسوڀ پاونا (ڇوتڪاري جوڌيان):

انهيءَ تي غور ڪيو ويندو تہ جسم ڪيتري قدر خراب شيءَ آهي ۽ ڪهڙي طرح بيماريءَ ۽ موت جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ انهيءَ جي پابندين مان آزاد ٿيڻ ڪيتري قدر ضروري آهي.

### ٨- اپڪشا ياونا (اطمينان، دماغي ڌيان):

هن ڌيان ۾ درويش ياراهب دنيا جي سموريون سنايون،براين، ڏک، خوشي صحت، بيماري دولت ۽ غربت تي غور ڪندوءِ اها ڪوشش ڪندو تہ هو انهن سيني ڳالهين جواثر قبول نہ ڪري.

## راهبن سان گوتم جي آخري ڳالهہ ٻولهہ:

انهيءَ سلسلي ۾ گوتم جو آخري خطاب بہ ذڪرلائق آهي، جو ان مرڻ کان اڳ ۾ "ڪوٽا گارا" هال ۾ راهبن کي ڪٺو ڪري ڪيو هو. اسان انهيءَ خطبي کي سنگهہ جي فرض جو نچوڙ چئي سگهون ٿا "ٻڌ سوتر" ۾ جن لفظ ۾ انهيءَ کي نقل ڪيو ويو آهي. انهيءَ جو ترجمو هيٺين ريت آهي:

گوتم فرمايو: "اي درويشو! هن قانون کي، جيڪو مان توهان اڳو آندو آهي، چڱي طرح ياد ڪيو، انهيءَ تي عمل ڪيو.

۽ انهيءَ جي تبليغ ڪيو تہ جيئن منهنجو هي مذهب دنيا سان همدردي، ديوتائن ۽ ماڻهن جيءَ فائدي واسطي گهڻو وقت زنده رهي. هي قانون (شريعت) ڇا آهي؟ هيءَ چار خلوص پريا مراقبا آهن. چار وڏيون ڪوششون آهن. "پوڏيءَ" تائين پهچڻ لاءِ چار پيچرا آهن. پنج اخلاقي سگهون آهن،هي ويڪرو ۽ شرف وارو انوٽي فائدي وارو رستو آهي."

انهن جامع فقرن ۾ جيڪي ڪجهہ چيو ويو آهي اهو گهڻو وچور طلب آهي.هن مختصر ڪتاب ۾ وضاحت جي جاءِ ڪانهي. انهيءَ ڪري انهيءَجي معنيٰ مختصر ٻڌائي وڃي ٿي:

### ا- هشت ڦل رستو:

انهيءَ تعليم کي ٻڌ جي سلسلي ٻڌايو ويو اهي.

چار خلوص مراقبا:- (ستي پٽانا) هي آهن:

الف: جسم ڪثافت جي باري ۾.

ب: انهن براين جي باري ۾ جيڪي احساس کان پيدا ٿينديون آهن.

ج: خيالن ۽ ويچارن جي اٽل ۽ نااٽل هجڻ جي متعلق.

د: زندگيءَ جي حالتن ۽ پابندين جي باري ۾.

## ٣- چار وڏيون ڪوششون هي آهن: (سمبڌانا)

الف: اها ڪوشش ڪرڻ ته خراب لڇڻ پيدا نه ٿين.
ب: پيدا ٿيل خراب لڇڻن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
د: انهن نيڪين کي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ، جيڪي اڳ ۾ موجود آهن.

## ٤: ولايت جا چار رستا: (اڌي پدا):- يعني ولايت حاصل ڪرڻ لاءِ چار رستا آهن.

الف: ولايت حاصل ڪرڻ جو پڪو پهه
ب: انهيءَ جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش
ج: انهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ دل جي پاڪائي
د: حق جي تلاش

## ٥: پنج اخلاقي قوتون (ٻلاني) يا ذهني صلاحيتون (اندرپالي) هي آهن:

الف: اعتقاد
ب: چستي
ج: ياد
د: سوچ
ر: وجدان

انهن پنجن اخلاقي سگهن ۽ ذهني صلاحيتن مان اعتقاد کي ڪڏي چار وڏيڪ صفتون شامل ڪن ٿا، يعني مذهبي ڪتابن جي تحقيق اطمينان ۽ آنند، خوشي ۽ وجدان انهن ۾ داخل ڪن ٿا ۽ انهن کي ست عقل منديون (بوڌي رنگي) چون ٿا.
انهيءَ سلسلي ۾ راهبن کي ٻه طريقا رياضت جا ٻڌايا ويا آهن ۽ انهن کي جهان ۽ سماڌي چوندا آهن.

## جهان:

هي پالي لفظ آهي سنسڪرت ۾ ان جو بدل "ڌيان" آهي، عربيءَ ۾ ان کي استغراق، چئجي سگهجي ٿو. انهيءَ جهان جو چار منزلون آهن.
١- پهريون منزل، خوشيءَ مسرت جي اها حالت آهي جيڪا انهيءَ

اڪيلائي ۾ پيدا ٿيندي آهي، جيڪا سوچ ويچار ۾ گذاري وڃي.

٢- ٻي منزل انهيءَ سرور جي ڪيفيت جي آهي جيڪا گهري اطمينان مان پيدا ٿيندي آهي، جتي سوچ ۽ چپ جو ڪوبه گذر ڪونهي. اهڙيءَ حالت ۾ خيال ۾ آسودگي هوندي آهي ۽ ڪشف ٿيندو آهي.

٣: ٽين منزل اها خوشحالي آهي جيڪا نفسي سڌن کي مارڻ سان پيدا ٿيندي آهي ۽ جنهن ۾ خوشيءَ جون لهرون ساري جسم ۾ ڊوڙنديون رهنديون آهن. جنهن م صبر آهي، يادگيريون آهن ۽ خوشيون پڻ.

٤- چوٿين منزل اها آهي جنهن ۾ ٻي اثري ۽ لاتعلقي انهيءَ حد تائين هوندي آهي، جو نه ڪنهن امر جي خوشي هوندي آهي ۽ نه وري ڪنهن ڳالهه جو غم. اتي ڏک ۽ سک ٻنهي جو گذر نه هوندو آهي ۽ نه انهن جو اثر هوندو آهي.

پهرين جهان ۾ درويش ڪنهن ڳوڙهي مذهبي نڪتي تي غور ڪندو آهي، سوچيندو آهي ۽ هر رخ تي نظر وجهندو آهي. هوريان هوريان ان جا ماغي مونجهارا ختم ٿي ويندا آهن ۽ ڪشف واري ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. انهيءَ ڪيفيت جي پيدا ٿيندي ئي ٻي منزل شروع ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري جو سوچ ويچار جو وشئہ ذهن مان غائب ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي هڪ ديرپا خوشي جسم ۾ ڊوڙڻ لڳندي آهي. هڪ مدهوشي ڇانئجڻ لڳندي آهي. انهيءَ ڪيفيت سان ٽين منزل شروع ٿيندي آهي. ٿوريءَ جهڙت ۾ هي خوشيءَ جو احساس به ويندو رهندو آهي ۽ رڳو انهيءَ جي ياد رهجي ويندي آهي ۽ سالڪ تي هي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جو نه ته ڪنهن قسم جي خوشي رهجي وڃي ٿي ۽ نه ڪوئي غم، ليڪن بي پرواهي ۽ بي نيازي انهيءَ تي ڇانئجي وڃي ٿي ۽ اها ئي رياضت جي پورنتا آهي. انهيءَ کي ”اپنا“ چوندا آهن. اهوئي ارهت جو درجو آهي.

## سماڌي:

هي هڪ طرح جي مسمريزم جي رياضت آهي، جنهن جي وسيلي پنهنجي مٿان هڪ اهڙي ڪيفيت طاري ڪجي جو هر قسم جو احساس وقتي طور فنا ٿي وڃي ۽ پنهنجي وجود مان مزو محسوس ڪرڻ لڳي. انهيءَ رياضت جي وسيلي اها ڪيفيت پيدا ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ هڪ جيئرو ماڻهو بالڪل مئل نظر اچي. ڪجهه گهڙين جي لاءِ لاش ۽ هن ۾ ڪوبه فرق نظر نه اچي. اهڙي قسم جي شڪتي حاصل ڪرڻ ٻڌ مذهب ۾ جسم تي سڀ کان وڏي سوڀ پائڻ سمجهيو وڃي ٿو ۽ تبت جا لاما انهيءَ ۾ وڏي مهارت رکن ٿا.

انهن رياضتن جي باري ۾ اينترو عرض ڪرڻ ضروري معلوم ٿئي ٿو ته اهي ٻڌ کان اڳ هندوستان ۾ رائج هيون. خود انهن چپ چاپ ڪري ۽ انهن کي آزمائي ڪين ترڪ ڪيو هو. تنهن ڪري اهي پڪ سان ٻڌ مذهب ۾ گوتم کان پوءِ برهمڻن جي سٽ ۾ شامل ڪيون ويون. تنهن ڪري انهن کي اصل مذهب جو جزو سمجهڻ غلطي ٿيندي.

## حوالا:

١- پهريون قاعدو صحت جي حفاظت جي اصول تي ٻڌل آهي.

٢- ٻئي ضابطي مان ظاهر ٿئي ٿو ته:

(الف) انهيءَ زماني ۾ غلامي رائج هئي ۽ غلام کي آقا جي ملڪيت سمجهيو ويندو هو.

(ب) اهو ويدي قانون جاري هيو ته قرض ڏيندڙ قومن وٺندڙ کي ۽ ڪٺي سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح اهو هن جي ملڪيت هوندو هو.

(ج) اها ٻه ڄاڻ ملي ٿي ته ٻڌ مذهب حڪومت سان ٽڪرائڻ کان پاسو ڪرڻ تي گهريو.

٣- هي قاعدو ٻڌ راهول کي سنگهه ۾ داخل ڪرڻ کان پوءِ شد وڌن جي احتجاج تي بنايو هو!!

٤- Socred Books of art

ان ئي جلد صفحي ٣٢٠ کان ٣٣٦ تائين.

زندگيءَ ۾ ٻہ اهڙي قسم جا تمام گهڻا معجزا بيان ڪيا ويا اهن. مثلا هو ڪيترائي دفعا هڪ جاءِ تان اڏامي ٻيءَ جاءِ تي ويو آهي. هن جي سوچ اپنري تہ اڏامر ڪئي جو تبليغ جي ڇهين سال ۾ هن ڪي اڏاري آسمان تي پهچايو ويو. جتي هن اجاري ديو لوڪ، پنهنجي مئل ماءُ کي شريعت جي تعليم ڏني.

ٻڌ جي مرڻ کان پوءِ جڏهن ان جي هڪ چيلي "ڪاسيپ" خيال ڏيکاريو تہ جيڪڏ هو ٻڌ جي قدمن جي هڪ پيرو پيهر زيارت ڪري ها جن تي چڪر ورتيءَ راجائن جا نشان موجود آهن تہ گوتم جا پير پاڻهرتو ڪفن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ جڏهن هن انهن کي اکين سان لڳايو تہ پوءِ اهڙي طرح ڪفن ۾ اندر هليا ويا جو نہ تہ ڪا ڳنڍ کلي ۽ نہ ڪتان کو ڪفن ڦاٽو. ان سان گڏوگڏ هر هنڌ جي ٻڌ عقيدتمندن پنهنجي ملڪ جي برتري ظاهر ڪرڻ لاءِ گوتم جي جيون ڪٿا ۾ اهڙا واقعا گڏي ڇڏيا.آهن جو نہ تہ انهن کي عقل مڃي ٿو ۽ نہ وري انهن لاءِ ڪو تاريخي ثبوت آهي. مثلاً لنڪا وارن پنهنجن مذهبي ڪتابن ۾ هي لکيو آهي تہ گوتم ٽي دفعا لنڪا ويو هو ۽ ان جا ڏند لنڪا ۾ پوريل آهن.

انهن جو چوڻ آهي تہ گوتم کي ساڙڻ کان پوءِ ارهات ڪشم ان جا ڏند ٻاهر مان ڪڍي ڪٽي ويو ۽ انهن کي لنڪا پهچايو. بهار ۽ سيام وارا بہ پنهنجي، پنهنجي ملڪن جي باري ۾ اها دعويٰ ڪن ٿا ۽ واقعن يادگارن کي مرچ مسالا لڳائي بيان ڪن ٿا. جيڪي اصل ۾ فرضي قصا آهن.

مهايان فرقي وارا جيڪي تبت، نيپال، چين، جپان ۽ منگوليا وغيره ۾ وسن ٿا، تن هن مذهب کي اهڙو جامع بنايو آهي، جنهن هنيان، فرقي وارن يعني لنڪا ۽ برما وارن جي عقيدن کان بالڪل جدا ڪري ڇڏيو آهي.

## ڏاڪڻيا ٻڌ ۽ گوتم:

ڏاڪڻين ٻڌن وٽ ڌيان، جون پنج منزلون آهن ۽ انهيءَ دنيا جي مٿان هڪ ديوتائن جي دنيا آهي ۽ انهيءَ جي مٿان "برهما" جون سورهن دنيائون آهن يا برهم لوڪ آهن.

هر دنيا سان گڏ تي برهم لوڪ واڳيل آهن، جيڪو شخص ڌيان جون منزلون پار ڪري ٿو،اهو ٽائين برهم لوڪ ۾ پهچي ويندو آهي. جيڪو شخص چار ڌيان پورا ڪندو آهي اهو ڏهين يا يارهين برهم لوڪ ۾ ويندو آهي. باقي ٻچيل لوڪ اتي ئي ڌيان ڪري حاصل ڪجن ٿا. هر ٽئين لوڪ جو سردار هڪ ڌياني ٻڌ آهي ۽ سمورا برهم لوڪ انهن پنجن ڌياني ٻڌن ۾ ورهايل آهن. هر هڪ دنياوي ٻڌ جو هڪ همزاد ڌياني ٻڌ، هوندو آهي. توڙي جو دنياوي ٻڌ فاني هوندو آهي، مگر آسماني ٻڌ يعني ڌياني ٻڌ قائم هوندو

## حوالا:

١- ٻڌ ڌرم ڪجهہ صدين ڪانپوءِ هونئن تہ اهڙن فرقن ۾ ورهائجي ويو،مگر انهيءَ ۾ ٻہ سڀ ڪان وڏا فرقا آهن. هڪ ٻنيانڻ، (ننڍي گاڏي) ٻيو هنيان (وڏي گاڏي)،لنڪا ۽ برما وارا هنيان آهن، تبت، چين ۽ جپان وارا ڏکڻ جي ٻڌ هنيان جا قائل آهن.

٢-لالا لجپت راءِ

٣- عيسائن اچڻ واري متر ٻڌ کي مسيح ٻڌايو آهي ۽ اهي ٻڌمذهب وارن کي ٻڌائن ٿا تہ حضرت عيسيٰ متربڌ آهي، مسلمان هن مذهبي پيشن گوئيءَ کي اسلام جي حوالي سان وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڏسي سگهن ٿا. ڇو تہ رسول ڪريم صلعم جن جو لقب رحمت اللعالمين، متربڌ، ٻڌ جو هم معنيٰ آهي.

مسلمانن جو عقيدو آهي تہ نبي آخري زمان صلعمؐ جن جي اچڻ ڪان اڳ ۾ سمورن وڏن، وڏن ڪتابن ۾ پاڻ سڳورن جي اچڻ جو اطلاع موجود آهي.

٤- ڀڳوان گوتم ٻڌ (هندي) ليکڪ جناب پدنت بوڌانند جي ۽ پنڊت چندرڪاپرشاد جي.

٥- موهن جي دڙي، ۾ جيڪي آثار لڌا ويا آهن،انهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ "شيو"کي آرين ڪان اڳ ۾ دراوڙ،پوڄيندا هئا ۽ آرين اچي ڪري ساڳيو ڏگ ورتو. (ڏسو ايشور پرشاد جي تاريخ- هند صفحو ١۴ ڪان ٦٣ تائين.

## باب ڇهون

# سنگهہ جون ڪائونسلون ۽ اختلاف

انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ تہ هن مذهب جو ڇو ايترو واڌارو ٿيو؟ ۽ اتي پاڻ ۾ ڪهڙا ڪهڙا اختلاف ٿيا ۽ هن ڇو هڪ جدا جدا شڪليون ورتيون؟ سنگهہ، جي تاريخ ۽ ان جي ڪائونسلن جي فيصلن جو بہ علم هجڻ گهرجي. هن باب ۾ مختصر طور انهن ڳالهين جو بيان ڪيو ويندو.

### پهرين ڪائونسل:

گوتم ٻڌ جي ديهانت کانپوءِ سڀ کان پهريون جلسو ۴۸۸. ق. م ۾ راڄ ڳڙهيءَ ۾ راجا اجات سترو جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيو. انهيءَ جي صدارت هڪ مهان شخص مواري مها ڪشپ ڪئي هئي. هي جلسو برسات جي مند ۾ شروع ٿيو ۽ ستن مهينن تائين لڳاتار هلندو رهيو. انهيءَ ۾ پنج سو راهب گڏ ٿيا هئا. دکني ٻڌن جي چوڻ مطابق تہ هن جلسي ۾ ٻڌ جي تعليم "سوتر" مختصر ۽ جامع نظم جي صورت ۾ ڪٺي ڪئي وئي ۽ "ترداد" جي نالي سان ڳائي ڪري ياد ڪئي وئي. انهن جي دعويٰ آهي تہ اهائي ترداد تري ٽيڪ، جي نالي سان اڳتي هلي سڏي وئي. تنهنڪري تري ٽيڪ، لفظ بہ لفظ "ترداد" آهي. ۱- مغربي تاريخدان هن دعويٰ کي نٽا مڃين. هو چون ٿا تہ خود تري ٽيڪ، ۾ اهڙا داخلي ثبوت موجود آهن، جن سان هي ڳالهہ مڃيل پئي آهي تہ هن جا ڪجهہ ڀاڱا پڪ سان گوتم ٻڌ جي موت کان پوءِ تيار ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري انهن کي هوبهو ترداد، نٿو مڃي سگهجي ۽ هيءَ ڳالهہ بہ قابل قدر آهي تہ ديپ ونس ۾ جيڪي ترداد جا حصا بيان ڪيا ويا آهن، اهي انهن حصن کان بالڪل مختلف آهن. جيڪي تري ٽيڪ،

## ضميمو نمبر ١:

حياتيءَ جو ڦيٿو- اسان هن کان اڳ ۾ لکي چڪا آهيون ته جهڙي طرح صليب عيسائن جي، سواستڪا آرين جو ۽ هلال مسلمانن جو نشان آهي. اهڙي طرح "چرخ حيات" (حياتيءَ جو ڦيٿو) ٻڌن جو نشان آهي. هي به اسان ٻڌايو آهي.ته هي نشان چو وجود ۾ آيو ۽ شروعات ۾ هن جي ڪهڙي معنيٰ هئي. بعد ۾ ٻڌن هن ڦيٿي کي مورتيءَ ۾ تبديل ڪيو ۽ گول ڦيٿو ٺاهي انهيءَ جون جدا جدا قسمن جون شڪليون ٺاهيون. اهڙي قسم جا ٽي ڦيٿا مليا آهن. هڪ اجنتا جي گُتا ۾، هڪ تبت ۾ ۽ هڪ جاپان ۾. ڊاڪٽر واڊل ثابت ڪيو آهي ته انهن چڪرن ۾ ٻڌ جي تعليم ٻارهن شڪلين وسيلي ظاهر ڪئي ويئي آهي- ان هيٺين طريقي سان انهن کي بيان ڪيو آهي.

### (١) اوڌيا:

(جهالت) اجنتا جي تصويرن ۾ جهل کي اهڙي نموني سان ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ انڌي ان جي ٻڪ ۾ ناڪيلي پئي آهي، جنهن کي هڪ جت جهليو بيٺو آهي.

تبتي تصوير ۾ هڪ انڌو شخص رستو پڇائيندو وڃي رهيو آهي. جاپاني تصوير ۾ انسان جي بدران ديو جي تصوير ٺاهيل آهي.

### (٢) سنڪارا (قوت ۽ لاڙو):

هن خيال کي اجنتا جي غار ۾ ڪنير ۽ ان جو چاڪ ۽ ٺاهيل ٿانون جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي. تبتي تصوير ۾ خالي چڪ ۽ ٿانو ڏيکاريا ويا آهن. ڪنير ڪونهيءَ. جاپاني تصوير ۾ ٿانو ۽ ڪنير گم آهن. فقط چڪ ڏيکاريو ويو آهي.

### (٣) ونانا (هوش):

اجنتا ۽ جاپان جي تصويرن ۾ فقط هڪ پولو ڏيکاريو ويو آهي، مگر تبتي تصوير ۾ پولي کي هڪ وڻ تي چڙهندي ڏيکاريو ويو آهي. اتان لاما اهو مڃين ٿا ته انسان جو عقل شروعات بالڪل پولي وانگر هوندو آهي ۽ هوريان، هوريان علم ۽ تجربي جي ڪري ترقي ڪري ٿو.

### (٤) روپ (مادي صفتون ۽ خصوصيتون):

اجنٿا ۾ به تصويرون ڏيکاريون ويون آهن. جن جو مطلب چٽو نه آهي. تبتي تصوير ۾ هڪ ٻيڙي درياءَ اڪرندي ڏيکاري وئي آهي. جاپاني تصوير ۾ ٻيڙيءَ ۾ ماڻهو به ويهاريو ويو آهي.



منير سولنگي

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڀُولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڀُولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِپني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)